# رَضِیَ اللہُ عنہ

# امام حُسَین

# جا 5 وصف



**18-July-2024**

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(for Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

اڇو! سلطانِ ڪربلا، سيّدُ الشهدا، امامِ عالي مقام، امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنْہ کان مروي ٻہ حديثون ٻڌون ٿا: (1) امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمائن ٿا: منهنجي ناني جان، سلطانِ دو جهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جنهن جي سامهون منهنجو ذڪر ٿيو، پوءِ ان درود پاڪ نہ پڙهيو، بيشڪ اهو جنت جو رستو ڀلجي ويو.[1] (2) امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنْہ کان ئي روايت آهي، ٻنهي جهانن جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: ڪنجوس آهي اهو شخص جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو، پوءِ ان مون تي درود نہ پڙهيو.[2]

پڑھتا رہوں کثرت سے درود اُن پہ سدا میں | اور ذِکر کا بھی شوق پئے غوث و رضا دے[3]

الله پاڪ اسان کي گھڻو درودِ پاڪ پڙهڻ جي توفيق عطا فرمائي. امامِ عالي مقام، امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنْہ بہ گھڻو درودِ پاڪ پڙهندا هئا. سندن زندگي جي آخري رات، جيڪا پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ ڪربلا ۾ گذاري، اها رات پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ عبادت ۾ گذاري هئي. ڪتابن ۾ لکيل آهي: ان رات جي شروعات ۾ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ پنهنجي سيني اهلِ خانہ ۽ ساٿين کي گڏ ڪيو، پهريان الله پاڪ جي حمد و ثنا

---

[1]… معجم ڪبير، جلد:2، صفحہ:249، حديث:2818۔

[2]… ترمذی، كتاب الدعوات، صفحہ:811، حديث:3546۔

[3]…وسائلِ بخشش، صفحہ:114۔

ڪئي، پوءِ نهايت خوبصورت، فصيح ۽ بليغ لفظن سان پنهنجي ناني سائين، حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ درودِ پاڪ پيش ڪيو. (1)

امام عالي مقام جي والده، حضرت سيّده فاطمة الزهرا رَضِيَ اللهُ عَنْهَا هن طرح درود شريف پڙهنديون هيون:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مَنْ هُوَ رُوحُهُ مِحْرَابُ الْاَرْوَاحِ وَالْمَلَائِكَةِ وَالْكَوْنِ، اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مَنْ هُوَ اِمَامُ الْاَنْبِيَاءِ وَالْمُرْسَلِيْنَ، اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مَنْ هُوَ اِمَامُ اَهْلِ الْجَنَّةِ عِبَادِ اللهِ الْمُؤْمِنِيْنَ (2)

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ڪيترو سهڻو درود شريف آهي. هن جو ترجمو پڙهو، ايمان تازو ٿي ويندو. ❁ اي الله پاڪ! پنهنجي اُن محبوب نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود موڪل جن جو روح مبارڪ سيني روحن جو، سيني فرشتن جو ۽ سڄي ڪائنات جو قبلو آهي ❁ اي الله پاڪ! پنهنجي اُن محبوب نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود موڪل، جيڪو سيني نبين ۽ سيني رسولن جو امام آهي ❁ اي الله پاڪ! پنهنجي اُن محبوب نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود موڪل، جيڪو الله پاڪ جي پاڪ ٻانهن، اهلِ ايمان يعني اهلِ جنت جو امام آهي.

دُرُود ان پر، سلام ان پر، یہی کہنا خُدا کا ہے
خُدا کے بعد جو ہے مرتبہ صَلِّ عَلٰی کا ہے
وہی سردارِ عالَم ہیں، وہی غمخوارِ اُمّت ہیں
وہی تو حَشر کے میدان میں سب کی شَفاعت ہیں
شَفاعت کے لئے سب کی نظر ان پر لگی ہو گی

[1]… البدایہ و النہایہ، جز:8، جلد: 4، صفحہ:573۔

[2]… سعادة الدارين، الباب الثامن فی کیفیات الصلاة...الخ، الصلاة الحادیۃ عشرة...الخ، صفحہ:247۔

مَوْلَا يَا صَلِّ وَسَلِّمْ دَائِمًا اَبَدًا
عَلٰى حَبِيْبِكَ خَيْرِ الْخَلْقِ كُلِّهِمِ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ سچي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏيندي آهي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهرين سنيون سنيون نيتون ڪري ونون ٿا، مثال طور نيت ڪريو! ❁ رضاءِ الٰهي جي لاءِ مڪمل بيان ٻڌندس ❁ اَدَب سان ويهندس ❁ بيان دوران سُستي کان بچندس ❁ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ❁جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! مُحَرَّم شريف جو مبارڪ مهينو پنهنجون برڪتون ورهائي رهيو آهي ۞ اَهلِ بيتِ پاڪ خاص ڪري امامِ عالي مقام، امام حُسَين رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ ۽ سندن وفادار ساٿين جي ياد وارا ڏينهن آهن ۞ عاشقانِ رسول جون دليون اَهلِ بيتِ پاڪ جي قربانين جي ياد سان تازا آهن ۞ اسان اَلحَمْدُلِلّٰه! حُسَيني آهيون، ذِڪرِ ڪربلا ڪندا ٻه آهيون، ٻڌندا ٻه رهندا آهيون، اَڄ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! اسان امامِ عالي مقام، امام حُسَين رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جو ۞ ذوقِ عِبَادت ۞ سندن قرآن ۽

[1] مسند فِرْدَوس، جلد:4، صفحه:305، حديث:6895۔

حديث ۞ ۾ شريعتِ مُطَهره سان محبت ۾ اُلفت وغيره جو بيان ٻڌنداسين. اچو! ان کان اڳ هڪ ايمان اَفروز حديثِ پاڪ ۾ ان جي مختصر شرح ٻڌون ٿا:

## شانِ حسنين ۾ عظيم محفل

عظيم مُحدِث امام طَبراني رَحمَۃُ اللہِ عَلَيه **معجمِ کبير** ۾ ذکر کن ٿا. حضرت عبدالله بن عبّاس رَضِيَ اللهُ عَنهُ، جيڪي صحابيءِ رسول بہ آهن، عالِمِ قرآن بہ آهن، سُلطان المُفسِرين بہ آهن، پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنه فرمائن ٿا: هڪ ڀيرو عصر جي نماز جو وقت هو، سرڪارِ عالي وقار، مکي مَدَني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مسجد ۾ تشريف فرما ٿيا، تڪبير (يعني اقامت) چئي وئي، پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نماز پڙهڻ شروع ڪئي، 3 رڪعتون پڙهي چڪا هئا، جڏهن چوٿين رڪعت ۾ پهتا تہ پياري آقا جا پيارا پيارا شهزادا امام حَسَن ۾ امامِ حُسَين رَضِيَ اللهُ عَنهُ اچي ويا، ٻئي شهزادا ان وقت ننڍڙي عمر ۾ هئا.

الله! الله! ناني سائين ۾ ڏوهٽن جو پيار ڏسو! ٻئي ڏوهٽا پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پٺي مبارڪ تي سوار ٿي ويا، رسولِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم معمول مطابق نماز پڙهندا رهيا. آخر چوٿين رڪعت مڪمل ٿي، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سلام ڦيريو ۾ ٻنهي شهزادن کي پنهنجي سامهون ويهاري ڇڏيو، هاڻي امامِ عالي مقام، امام حُسَين رَضِيَ اللهُ عَنهُ ڊوڙي ناني سائين ڏانهن وڌيا، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن کي ڪنيو ۾ امامِ حَسَن مجتبيٰ رَضِيَ اللهُ عَنهُ کي پنهنجي ساڄي ڪلهي مبارڪ تي ۾ امامِ حُسَين رَضِيَ اللهُ عَنهُ کي کاٻي ڪلهي مبارَڪ تي ويهاري ڇڏيو.

پيارا اسلامي ڀائرو! حديثِ پاڪ اڳتي بہ آهي، ان کان پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن ٻنهي شهزادن جي فضيلت بيان ڪئي پر ان کان اڳتي حديث شريف ٻڌڻ کان پهريان ٿورو تصور ڪيو! هي ڪيترو خوبصورت ۾ حسين ۾

جميل منظر هوندو، الله! الله! ۞جڳهه ڪهڙي آهي؟ دنيا جي بي اَفضل ترين مسجد يعني مسجدِ نبوي شريف...!! ۞وقت ڪهڙو آهي؟

وہ بھی عصر کہ سب سے جو اعلیٰ خطر کی ہے

يعني سيني کان وڌيڪ اَهميت واري نماز نمازِعصر جي بعد جو وقت آهي ۞ سامهون ڪير وينا آهن؟ سيني اُمّتن ۾ اَفضل ترين اُمَّت جا اَفضل ترين ماڻهو يعني صحابہ ڪرام رضی اللہ عنھم...!! ۞ ڪلام فرمائڻ وارا ڪير آهن؟ سڀني مخلوقات ۾ اَفضل و اعليٰ، اِمامُ الانبياء صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّم...!! هاڻي هي۞ڪيتري خوبصورت۞ ڪيتري فضيلت واري۞ ڪيتري اعليٰ۞ ۽ نرالي محفل سجيل آهي ۽ قربان وڃو! هن عظيمُ الشان اجتماعِ پاڪ جو عنوان ڪهڙو آهي؟ فضائلِ حَسنينِ ڪريمين رضی اللہ عنہ .... !!

سُبۡحٰنَ الله! ڇا شان آهي انهن 2 مقدس شهزادن جي...!! هاڻي اڳتي حديث شريف ٻڌو! رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّم پنهنجي شهزادن کي اڃان تائين ڪلهن تي ويهاري رکيو هو، انهيءَ حالت ۾ صحابہ ڪرام رضی اللہ عنھم کي خطاب ڪندي، فرمايو: اي انسانو! اَلَا اُخۡبِرُكُمۡ بِخَيۡرِ النَّاسِ جَدًّا وَ جَدَّةً ڇا مان توهان کي انهن جي باري ۾ نہ ٻڌايان، جن جا نانا ۽ ناني سيني ماڻهن جي نانن ۽ نانين کان بهتر آهن؟ پوءِ فرمايو: اَلَا اُخۡبِرُكُمۡ بِخَيۡرِ النَّاسِ عَمًّا وَ عَمَّةً؟ ڇا مان توهان کي انهن جي باري ۾ نہ ٻڌايان، جن جا چاچا ۽ چاچيون تمام ماڻهن جي چاچن ۽ چاچين کان بهتر آهن؟ اَلَا اُخۡبِرُكُمۡ بِخَيۡرِ النَّاسِ عَمًّا وَ عَمَّةً؟ ڇا مان توهان کي انهن جي باري ۾ نہ ٻڌايان، جن جا ماما ۽ ماسيون سيني ماڻهن جي مامن ۽ ماسين کان بهتر آهن؟ اَلَا اُخۡبِرُكُمۡ بِخَيۡرِ النَّاسِ اَبًا وَ اُمًّا؟ ڇا مان توهان کي انهن جي باري ۾ نہ ٻڌايان، جن جا والد ۽ والده نهايت ئي اَفضل ترين آهن؟ پاڻ صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّم مسلسل هي سوال

ڪندا رهيا، پوءِ پاڻ ئي انهن جا جواب ڏيڻ شروع ڪيا، فرمايائون: هُمَاالْحَسَنُ وَ الْحُسَيْنُ..!! اي انسانو! ٻڌو...!! اهي خوش نصيب جن جو مان ذڪر ڪري رهيو آهيان، اهي ڪي ٻيا نہ، هي 2 شهزادا حسن ۽ حسين آهن (جيڪي هن وقت منهنجي ڪلهن تي سوار آهن ۽ اوهان انهن جي زيارت ڪري رهيا آهيو). پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجو بيان جاري رکندي فرمايو: ۞ جَدُّهُمَا رَسُوْلُ اللهِ انهن جا نانا الله پاڪ جا رسول (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) آهن ۞ جَدَّتُهُمَا خَدِيجَةُ سندن ناني جان خديجة الڪبريٰ (رَضِيَ اللهُ عَنْهَا) آهن ۞ اُمُّهُمَا فَاطِمَةُ بِنْتُ رَسُوْلِ اللهِ انهن جي اَمڙ سائڻ ٻنهي جهانن جي رسول جي شهزادي سيده فاطمۃُالزَهرا (رَضِيَ اللهُ عَنْهَا) آهن اَبُوهُمَا عَلِيُّ بْنُ اَبِي طَالِب انهن جا والد صاحب علي بن ابوطالب (رَضِيَ اللهُ عَنْه) آهن ۞ وَعَمُّهُمَا جَعْفَرُ بْنُ اَبِي طَالِبٍ انهن جا چاچا حضرت جعفر بن ابوطالب (رَضِيَ اللهُ عَنْه) آهن ۞ عَمَّتُهُمَا اُمُّ هَانِئٍ بِنْتُ اَبِي طَالِبٍ انهن جي ڦڦي اُمّ هاني (رَضِيَ اللهُ عَنْهَا) آهن ۞ خَالُهُمَا الْقَاسِمُ بْنُ رَسُوْلِ اللهِ انهن جا ماما رسولِ ذيشان جا پٽ حضرت قاسم (رَضِيَ اللهُ عَنْه) آهن ۞ خَالَاتُهُمَا زَيْنَبُ، وَرُقَيَّةُ، وَاُمُّ كُلْثُومٍ بَنَاتُ رَسُوْلِ اللهِ انهن جون ماسيون زينب، رقيہ ۽ اُمَّ ڪلثوم (رَضِيَ اللهُ عَنْهُنَّ) آهن جيڪي رسولِ ڪائنات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون شهزاديون آهن.

پوءِ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجو ڪلام وارو سلسلو جاري رکندي فرمايو: اي انسانو! ٻڌو! ۞جَدُّهُمَا فِي الْجَنَّةِ انهن جا نانا (۽ ناني) بہ جنتي آهن ۞ اَبُوهُمَا فِي الْجَنَّةِ انهن جا پيءُ (۽ امڙ) بہ جنتي آهن ۞ عَمُّهُمَا فِي الْجَنَّةِ انهن جا چاچا بہ جنتي آهن ۞ عَمَّتُهُمَا فِي الْجَنَّةِ انهن جون ڦڦيون بہ جنتي آهن ۞ خَالَاتُهُمَا فِي الْجَنَّةِ انهن (جا ماما ۽ انهن جون)

ماسيون بہ جنتي آهن ۞ هُمَا فِي الْجَنَّةِ اهي ٻئي پاڻ بہ جنتي آهن ۞ وَمَنْ اَحَبَّهُمَا فِي الْجَنَّةِ ۽ جيڪو خوش نصيب بہ انهن سان محبت ڪري، اهو بہ جنتي آهي. (1)

واہ کیا مرتبہ اعلیٰ ہے حسنین کا | امامِ الانبیا، نانا ہے حسنین کا
والدہ! شیرِ خدا، ماں! طیبہ طاہِرہ | خوب پاکیزہ، گھرانہ ہے حسنین کا
اہلِ سنّت کو پیارا ہے اس گھرانے سے | بچہ بچہ اِن کا، دیوانہ ہے حسنین کا

*-*-*-*

ہر صحابیِ نبی! جنّتی! جنّتی!
چار یارانِ نبی! جنّتی! جنّتی!
اور عمر فاروق بھی! جنّتی! جنّتی!
فاطمہ اور علی! جنّتی! جنّتی!
والدینِ نبی! جنّتی! جنّتی!
اور ابو سُفیان بھی! جنّتی! جنّتی!

سب صحابیات بھی! جنّتی! جنّتی!
حضرت صدیق بھی! جنّتی! جنّتی!
عثمان غنی! جنّتی! جنّتی!
ہیں حسن حسین بھی! جنّتی! جنّتی!
ہر زوجۂ نبی! جنّتی! جنّتی!
ہیں معاویہ بھی! جنّتی!
جنّتی! (2)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## نسب بہ فضيلت جو هڪ سبب آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! هن حديث پاڪ تي ٿورو غور ڪريو! ڪيتري پياري ۽ ايمان اَفروز حديث پاڪ آهي، هڪ ڳالهہ هتي تمام اهم ۽ غور ڪرڻ جهڙي آهي، هن روايت ۾ رسول ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حسنين ڪريمن جون

---

1 …معجم ڪبير، جلد:2، صفحہ:198، حديث:2616۔

2 …وسائلِ فردوس، صفحہ:53۔

فضيلتون بيان ڪيون پر غور ڪرڻ جي ڳالهه هي آهي ته ۞ امام حسن ۽ حسين وڏا ٿي ڪري بلند رتبي وارا عالم به بڻجڻ وارا هئا ۞ نهايت عبادت گذار به هئا ۞ تمام اعليٰ اخلاق وارا به هئا ۞ وڏا ٿي ڪري سندن ڪي وڏا وڏا ڪارناما به انجام ڏيڻا هئا ۞ رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم غيب جو علم رکندا هئا، انهن جا هي سيئي اعليٰ اوصاف ۽ ڪمالات پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم جي سامهون هئا، ان جي باوجود پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم انهن جون فضيلتون بيان ڪندي ۞ هي نه فرمايو ته منهنجا هي شهزادا وڏا پڪا نمازي هوندا ۞ هي نه فرمايو ته منهنجا هي شهزادا تمام وڏا وليُ الله هوندا ۞ هي نه فرمايو ته انهن جا اخلاق سيني کان اعليٰ هوندا، انهن جو ڪردار تمام نرالو هوندو ۞ هي نه فرمايو ته اهي متقي ۽ پرهيزگار هوندا ۞ هي نه فرمايو ته اهي الله پاڪ جو تمام گهڻو قرب رکڻ وارا هوندا، انهن سيني فضيلتن ۽ ڪمالات کان هٽي ڪري پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم انهن ٻنهي شهزادن جو نسب بيان ڪيو، فرمايائون: ۞ هي افضل ترين ناني جا ڏوهٽا آهن ۞ بلند رتبه ماءُ پيءُ جا پٽ آهن ۞ تمام افضل چاچي جا ڀائٽيا آهن ۞ نهايت فضيلت وارن مامن ۽ ماسين جا ڀاڻيجا آهن، يعني هن حديث شريف ۾ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم حسنين ڪريمين جون فضيلتون بيان ڪيون ۽ هي ٻڌايو ته ۞ انهن جو نسب اعليٰ آهي ۞ انهن جون نسبتون بلند آهن، ان مان خبر پئي ٿي ته جيڪڏهن انسان جو ڪردار صاف سترو هجي، اخلاق چڱا هجن ته ۞ جنتين جي اولاد ٿيڻ ۞ جنتين جو ڀاڻيجو۞ ۽ ڀائٽيو ٿيڻ پڻ فضيلت جو هڪ سبب ٿيندو آهي.

## قيامت جي ڏينهن نسب جو فائدو

اعليٰ حضرت امامِ اهل سنت امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: (آخرت ۾) نجات جو دارومدار تقويٰ تي آهي، تنهنڪري صرف تقويٰ ڪافي آهي، جيتوڻيڪ نسب جو شرف نه هجي پر ان جو هي مطلب هرگز نه آهي ته نسب جي فضيلت جو

شرعًا ڪجھ اعتبار ئي نہ آهي، نہ...!! نہ! پاڪ نسب وارو (چڱن ۽ نيڪ والدين جي اولاد) تيڻ بہ آخرت ۾ ضرور فائدو ڏيندو.[1]

اللّٰہ پاڪ اسان کي اعليٰ نسب وارن يعني اهلِ بيت پاڪ ۽ صحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم جو ادب ۽ احترام نصيب فرمائي ۽ نيڪيون ڪري انهن سان پنهنجي روحاني نسبت قائم رکڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حَسَنينِ ڪريمن سان محبت جي فضيلت

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان حديث پاڪ ٻڌي، رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن حديث شريف جي آخر ۾ فرمايو: وَمَنْ اَحَبَّهُمَا فِى الْجَنَّةِ يعني جيڪو حسن ۽ حسين رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا سان محبت ڪري، اهو بہ جنتي آهي.

## هاڻي مون کي چين اچي ويو

اَلْحَمْدُلِلّٰه! امام حسن ۽ امام حسين رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا سان محبت رکڻ صحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم جي بہ سنت آهي، اولياء ڪرام جو بہ طريقو آهي ۽ ربِ ڪريم جي فضل سان 14 صدين کان هر دور ۾ عاشقانِ رسول انهن پاڪ شهزادن سان محبت ڪندا آيا آهن.

هڪ ڀيرو مسلمانن جي ٻئي خليفي حضرت عمر فاروق اعظم رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ وٽ ڪجھ ڪپڙا آيا، پاڻ اهي سيئي ڪپڙا ماڻهن ۾ ورهائي ڇڏيا! جڏهن سيئي ڪپڙا ماڻهن ۾ ورهائي چڪا، اجان فارغ ئي ٿيا هئا تہ امام حسن ۽ حسين رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا

---

[1] ... فتاوىٰ رضويہ، جلد:23، صفحہ:205 ملتقطاً بتصرف۔

ايندي نظر آيا! انهن کي ڏسي فاروق اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ بي چين ٿي ويا ۽ فرمايائون: **خدا جي قسم! ڪپڙا ورهائڻ تي مون کي بالڪل خوشي نہ ٿي!** عرض ڪيو ويو: اي امير المؤمنين! ان جو ڇا سبب آهي؟ فرمايائون: انهن ٻنهي شهزادن کي تہ ڪپڙا پيش ئي نہ ٿيا. پوءِ پاڻ فوراً يمن جي گورنر کي خط لکيائون، فرمايائون: فوراً 2 بهترين ۽ قيمتي جوڙا موڪليا وڃن. جيئن تہ 2 بهترين ۽ قيمتي جوڙا حاضر ڪيا ويا، پاڻ حسنين ڪريمين رَضِیَ اللہُ عَنْهُما کي پيش ڪيا، جڏهن انهن نوان ۽ قيمتي ڪپڙا پهري ورتا تہ فرمايائون: ها! **هاڻي منهنجي دل کي چين آيو آهي.**[1]

سُبْحٰنَ الله! ڇا شان آهي صحابہ ڪرام عَلَيْهِم الرِّضْوَان جو...!! هي بلند مَرتبي وارا ماڻهو پياري آقا جي پيارن شهزادن سان ڪيتري حد تائين محبت ڪندا هئا...!! الله پاڪ صحابہ ڪرام عَلَيْهِم الرِّضْوَان جي صدقي اسان کي بہ امامِ حسن ۽ حسين رَضِیَ اللہُ عَنْهُما جي سچي پڪي محبت نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## اهو جنت ۾ اسان سان گڏ هوندو......!!

امامِ عالي مقام، امام حُسَين رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جو فرمانِ عالي شان آهي: جيڪو اسان سان دنيا جي خاطر محبت ڪري ٿو تہ بيشڪ دُنيا دار تہ ڪنهن بہ نيڪ يا بد سان محبت ڪري وٺندو آهي، ها! جيڪو اسان سان صِرف ۽ صرف الله پاڪ جي رضا جي خاطر محبت ڪري ٿو، اهو ۽ اسان قيامت جي ڏينهن هيئن گڏ هونداسين، هي چئي ڪري امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنْہُ پنهنجي شهادت واري آڱر ۽ ان سان گڏ واري آڱر کي ملائي ڇڏيو.[2]

---

[1]...سير اعلام النبلاء، جلد:4، صفحہ:406۔

[2]...معجم ڪبير، جلد:2، صفحہ:247، حديث:2811۔

| | |
|---|---|
| کیوں نہ ہو رُتبہ بڑا اصحاب و اہلِ بیت کا | ہے خُدائے مصطفٰی، اصحاب و اہلِ بیت کا |
| آل و اصحابِ نبی سب بادشہ ہیں بادشاہ | میں فقط ادنیٰ گدا اصحاب و اہلِ بیت کا |
| جینا مَرنا اُن کی اُلفت میں ہو یا ربّ! اور ہو | قربِ جنّت میں عطا اصحاب و اہلِ بیت کا (1) |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو مختصر تعارف

❁ سلطانِ ڪربلا، سيّدُ الشّهداء، امام عالي مقام، امام عرش مقام، حضرت سيدُنا امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ رسول الله جا ڏوهٽا آهن ❁ مولاءِ ڪائنات علي المرتضيٰ ۽ حضرت سيده فاطمہ زهره جا شهزاده آهن ❁ امام حُسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ 5 شعبان، سن 4 هجري ۾ مدينہ منوره ۾ پيدا ٿيا ❁پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سندن نالو: حُسَين ۽ شبير رکيو ❁ امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي ڪنيت: ابو عبد الله آهي ❁ لقب: سِبْطِ رسول (رسولِ پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا ڏوهٽا) ۽ رَيْحَانَةُ الرَّسُول (يعني رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو گل) آهي.[2]

امام حُسَين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ پنهنجن 72 وفادار رفيقن سان گڏ، 10 مُحَرَّم شريف، سن 61 هجري ۾ ميدانِ ڪربلا ۾ يزيد پليد جي خلاف ۞ حق جي آواز بلند ڪندي ۞ نانا سائين جي دين تي پهرو ڏيندي۞ظلم سهندي۞ڏک ۽ غم جي پهاڙن جي سامهون ثابت قدم رهي ڪري انتهائي عزت سان، شجاعت سان، شان و شوڪت سان شهيد ٿيا ۽ رهندي دنيا تائين لاءِ حق تي هلڻ جو، ديانتداري جو،

---

[1]... وسائلِ فردوس، صفحہ:35۔

[2] سوانح کربلا، صفحہ:103۔

عزت سان جيئڻ، عزت سان مرڻ جو، شجاعت جو، بهادري جو، استقامت ۽ صبر و رضا جو سبق ڏئي ويا.

حُسَیْن ایک علامت ہے زِندگی کے لئے | حُسَیْن عَزْمِ سَفر ہے مُسَافری کے لئے

هڪ ٻي شاعر چيو:

فِطرَت کی مصلحت کا اشارہ حُسَین ہے | قربانیوں کی آنکھ کا تارا حُسَیْن ہے
وہ اس لئے لڑے کہ ستم کو مِٹا سکیں | پھر کیوں نہ ہم کہیں کہ ہمارا حُسَیْن ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان امام عالي مقام، امام حسين رضي الله عنه جا ڪجهه فضائل ۽ سندن سان محبت رکڻ جون برڪتون ٻڌيون، يقيناً محبت اطاعت ڪرائيندي آهي، جنهن محبت ۾ اطاعت نہ هجي، اها محبت تمام ڪمزور آهي.

محبّت بےاطاعت ایک دھوکا ہے محبّت کا | محبّت کا جو دعوٰی ہے تو کوشش کر اطاعت میں

اسان الحمد لله امام حسين رضي الله عنه سان محبت ڪريون ٿا، تنهنڪري اچو! سندن سيرت پاڪ جا ڪجهه حسين پهلو بہ ٻڌون ٿا ۽ نيت ڪريون ٿا تہ اسان محبت حسين جو عملي ثبوت ڏيندي سندن مڪمل پيروي بہ ڪنداسين.

## (1) امام حسين ۽ شريعت جي پاسداري

پيارا اسلامي ڀائرو! امام عالي مقام، امام حسين رضي الله عنه جي سيرتِ پاڪ جو تمام حسين ۽ پيارو پهلو آهي تہ پاڻ هر وقت شريعت جي پيروي ڪندا رهندا هئا، ڪنهن بہ گهڙي، ڪنهن بہ وقت ۾ پاڻ شريعت کان هڪ انچ بہ نہ، بلڪ هڪ انچ جو ڪروڙين حصو بہ پوئتي نہ هٽندا هئا. هڪ خوبصورت روايت ٻڌايان ٿو، توهان حيران رهجي ويندؤ. حضرت ابن ابي ليليٰ رحمة الله عليه فرمائن ٿا:

ڪربلا جي ميدان ۾ جڏهن امام حسين رضي الله عنه کي هي يقين ٿي ويو ته وعدي جو وقت اچي ويو آهي، هاڻي شهادت ٿيڻي آهي ته پاڻ فرمايائون: مونکي ڪو ٿلهو ڪپڙو آڻي ڏيو! (ٿورو غور سان ٻڌجو ته پاڻ ڪپڙو چو گهرائي رهيا آهن، فرمايائون: ڪو ٿلهو ڪپڙو آڻي ڏيو!)، مان ان ڪپڙي کي پنهنجي پاتل لباس جي هيٺان رکندس ته جيئن جڏهن مان شهيد ٿي ڪري زمين تي ڪِران ته منهنجو ستر(اوگهڙ) نه کُلي. سندن خدمت ۾ ڪپڙو پيش ڪيو ويو، پاڻ ان کي پنهنجي پاتل ڪپڙن جي هيٺان ويڙهي ڇڏيو.[1]

الله اڪبر! حالات ڏسو! ۞ ڪربلا جو ميدان آهي، ۞ 22 هزار جو لشڪر سامهون بيٺل آهي،۞ 72 ڄڻا شهيد ٿي چڪا آهن، ۞حضرت علي اصغر رضي الله عنه جي ڳلي ۾ لڳل ظالم جو تير پنهنجي هٿن سان ڇڪي ڪڍيو آهي،۞ 3 ڏينهن کان پاڻي بند آهي، ڳلو سڪي رهيو آهي، يقين آهي ته هاڻي بس شهادت جو وقت آهي، روح نڪرڻ ڪانپوءِ ته ماڻهو مُڪَلَّف به نه ٿو رهي پر جيڪو الله پاڪ جي رضا جو طلبگار هجي، اهو رضا ئي چاهيندو آهي، اهو ڪنهن وقت، ڪنهن لمحي، ڪنهن حالت ۾، ڪنهن به مشڪل ۾ الله پاڪ جي رضا حاصل ڪرڻ کان پوئتي ناهي هٽندو، اهو هر وقت بس الله پاڪ کي راضي ڪرڻ جا ئي رستا ڳولي ٿو، ڏسو! امام عالي مقام رضي الله عنه ڪهڙي حالات ۾ آهن ۽ فڪر ڇا آهي؟ جڏهن مان شهيد ٿي ويندس، جڏهن زمين تي ڪرندس ته ڪٿي ان وقت منهنجو ستر(اوگهڙ) نه کلي وڃي، انهن حالتن ۾ به شريعت تي عمل جي فڪر آهي.

## ڇا هي محبتِ حسين آهي؟

افسوس! هاڻي حالتون بگڙي چڪيون آهن ۞ دعويٰ، حسيني ٿيڻ جي آهي پر حالت اها آهي جو نماز هڪ به ناهن پڙهندا ۞ دعويٰ، محبتِ حسين جي آهي پر شريعت جي خلاف هلندا آهن ۞ جناب! اسان ته پهتل آهيون ڇئي شريعت جو مذاق بڻائن ٿا

---

[1]... تاريخ مدينه دمشق، جلد: 14، صفحه: 221۔

۞ دعويٰ حسيني ٽيڻ جي آهي پر شريعت کان بغاوت ڪري ڏکيا ڏکيا عورتن جهڙا وار رکيل آهن ۞ دعويٰ آهي ته اسان ڪربلا وارا آهيون پر شريعت جي برخلاف ڳائڻ وڄائڻ ڪندا آهيون، نشي واريون شيون استعمال ڪندا آهيون، پردي جو بلڪل خيال ناهيون ڪندا، هر وقت گناهن ۾ گرفتار هوندا آهيون...!! ڇا هي حُسَينيت آهي؟

اَلْاَمَان وَالْحَفِيْظ...!! ۞ منهنجا حسين رضي الله عنه ته اهي آهن جو عين حالتِ جنگ ۾، ڪربلا جي ميدان ۾، تلوارن جي ڇانوَ ۾ به پاڻ ظهر جي نماز جماعت سان ادا ڪئي.(1) ۞ منهنجا حسين ته اهي آهن ڪربلا جي ميدان ۾ به شريعت جي هر هڪ حڪم جو لحاظ رکن ٿا ۞ منهنجا حسين ته اهي آهن جو پاڻ سر ڪٽائي ڇڏيائون پر شريعت تي داغ نه اچڻ ڏنو ۞ منهنجا حسين ته اهي آهن جو شهادت کان پوءِ سر نيزي تي آهي ۽ قرآنِ ڪريم جي تلاوت فرمائي رهيا آهن.(2)

ابنِ زَہرا کربلا کی خاک پر سجدے میں ہے | ظلمتوں کے دَرمیاں نُورِ سَحر سجدے میں ہے
بَر سرِ نوکِ سِناں قرآں کے قاری نے کہا | منزلِ عشقِ خدا کی رَہ گُزر، سجدے میں ہے
مؔہر! ہَوں اس پیکرِ صبر و رِضا پر صَد سلام | جو لُٹا کر راہِ حق میں گھر کا گھر، سجدے میں ہے

پيارا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! اسان هر وقت، هر لمحي شريعت جا پابند آهيون۞ نماز شريعت فرض فرمائي، اسان کي پڙهڻي ئي پڙهڻي آهي ۞ روزو شريعت فرض ڪيو، اسان کي رکڻو ئي رکڻو آهي۞ پردو شريعت لازم ڪيو، پنهنجي مائرن، ڀينرن، ڌيئرن کي ان جي ترغيب ڏيڻي ئي ڏيڻي آهي ۞ وياج شريعت حرام ڪيو، ان کان بچڻو ئي بچڻو آهي ۞ شراب شريعت حرام ڪيو، ان کان رکڻو ئي رکڻو آهي ۞ ماپ تور ۾ ڪمي شريعت حرام قرار ڏني، ان کان لازمي بچڻو آهي، مطلب ته هر اهو ڪم جنهن جو شريعت اسان کي حڪم ڏنو آهي، اسان ان کي ڪرڻ جا پابند آهيون ۽ هر

[1] ... البدايه و النهايه، جز:8، جلد:4، صفحه:580۔

[2] ... ڪراماتِ صحابه، صفحه:246۔

اهو ڪم جنهن ڪان بچڻ جو شريعت اسان کي حڪم ڏنو آهي، ان ڪان اسان کي رڪڻو ئي رڪڻو آهي. دنيا هيڏانهن هوڏانهن ٿي وڃي پر اسان جو ڪو به قدم شريعت جي دائري ڪان ٻاهر نه وڃڻ گهرجي۞ اسان جو مزاج۞اسان جي طبيعت۞ اسان جي سوچ ۞ اسان جون خواهشون ۞ اسان جو هلڻ ڦرڻ ۞ اسان جو ڪمائڻ ۞ اسان جو کائڻ سڀ ڪجهه شريعت جي تابع آهي ۽ اسان کي شريعت جي پيروي ۾ رهي ڪري ئي زندگي گذارڻي آهي. ناناءِ حسنين، رحمتِ دارين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عالي شان آهي: لَا يُؤْمِنُ اَحَدُكُم حَتّٰى يَكُوْنَ هَوَاهُ تَبَعًا لِمَا جِئْتُ بِهِ "توهان مان ڪوبه ان وقت تائين (ڪامل) مؤمن نٿو ٿي سگهي جيستائين ان جون خواهشون منهنجي آندل دين جي تابع نه ٿي وڃن". (1)

اهو اسان جو معيار آهي، بس اسان الله ۽ رسول جي حڪمن جا پابند آهيون. الله پاڪ اسان کي ان تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## پردي جو اهتمام ڪندا ڪريو!

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان روايت ٻڌي، حضرت امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ عين جنگ جي حالت ۾، بلڪل شهادت جي ويجهو وقت به پردي جو اهتمام ڪيو، سندن کي فڪر هئي ته مان جڏهن شهيد ٿي وڃان، زخمي ٿي ڪري گهوڙي تان هيٺ اچان ته ڪٿي بي پردگي نه ٿي وڃي، تنهنڪري سندن اڳ ۾ ئي ان جو انتظام ڪيو. هن ۾ انهن ماڻهن لاءِ به سبق آهي جيڪي پردي جو خيال نٿا ڪن ۞ گهر ۾ ماءُ، ڀيڻ، ڌيئرون موجود آهن، ان جي باوجود ڪيترا اهڙا آهن جيڪي قميص لاهي گهمي رهيا هوندا آهن، ۞ اهڙي طرح جيڪي ماڻهو پينٽ

---

1 ...مشكاة المصابيح، كتاب الايمان، جز:1، جلد:1، صفحه:54، حديث:167۔

شرٽ پائيندا آهن ۽ شرٽ به ننڍي رکندا آهن، اهي جڏهن جهڪندا يا ويهندا يا سجدي ۾ ويندا آهن ته ڍُنَ جي هيٺان سڏ ۾ چيلهه جو ڪجهه حصو کلي رهيو هوندو آهي، هي به ستر ۾ شامل آهي، ان کي به لڪائڻ فرض آهي[1] ۞ اڄ ڪلهه ماڻهو نيڪر پائيندا آهن، گوڏا ۽ رانون نظر اچي رهيون هونديون آهن، هي به بيپردگي آهي۞ ڪوڙ رانديون اهڙيون آهن جن ۾ نيڪر پاتي ويندي آهي، ڪيڏڻ وارا نيڪر پائي ڪيڏي رهيا هوندا آهن، ڏسڻ وارا مزي سان ڏسي رهيا هوندا آهن، اهي بيپردگي ڪري رهيا آهن ۽ ڏسڻ وارا به بدنگاهي ڪري رهيا آهن، ان کان بچڻ لازمي آهي، بدنگاهي ۽ بيپردگي (يعني لڪائڻ وارن عضون کي نه لڪائڻ) ٻئي سخت گناهه آهن. الله پاڪ اسان کي انهن گناهن کان بچڻ جي توفيق عطا فرمائي. منقول آهي: جيڪو شخص پنهنجي اک کي حرام سان پريندو آهي الله پاڪ قيامت واري ڏينهن ان جي اک ۾ جهنم جي باهه پري ڇڏيندو[2].

آقا کی حیا سے جھکی رہتی نظر اکثر | آنکھوں پہ مرے بھائی لگا قفلِ مدینہ
آنکھوں میں سرِ حشر نہ بھر جائے کہیں آگ | آنکھوں پہ مرے بھائی لگا قفلِ مدینہ[3]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## (2) امام حسين جي قرآن سان محبت

پيارا اسلامي ڀائرو! امام عالي مقام، امام حسين رضي الله عنه جي سيرت پاڪ جو هي به پاڪيزه پهلو آهي ته پاڻ رضي الله عنه کي قرآنِ شريف سان تمام گهڻي محبت هئي، پاڻ رضي الله عنه تلاوت به ڪندا هئا، قرآن شريف کي سمجهندا به هئا، ان تي عمل به ڪندا هئا ۽ ٻين کي سيکاريندا به هئا.

[1]…بہارِ شریعت،جلد:1، صفحہ:483، حصہ:3۔
[2] (مُکَاشَفَۃُ الْقُلُوب ص۱۰ دارالکتب العلمیۃ بیروت)۔
[3]…وسائلِ بخشش، صفحہ:؟؟؟۔

جڏهن امام عالي مقام، امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنْهُ ڪربلا ڏانهن سفر ڪري رهيا هئا، هڪ شخص جو چوڻ آهي: مون ڏٺو ته هڪ غير آباد علائقي ۾ خيما لڳل آهن، مون کي حيراني ٿي، ڪنهن کان پڇيم: هي خيما ڪنهن جا آهن؟ ٻڌائڻ واري ٻڌايو: هي امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنْهُ جا آهن (پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْه ڪربلا ڏانهن ويندي هتي ترسيا آهن). اهو شخص چئي ٿو: مان امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنْهُ سان ملاقات جو شرف حاصل ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌيس، خيمن جي ويجهو ويس ته ڏٺم: امام عالي مقام، امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنْهُ تلاوت ڪري رهيا آهن ۽ سندن اکين مان ڳوڙها وهي رهيا آهن.[1]

سُبْحٰنَ اللهُ! ڇا شان آهي امام عالي مقام رَضِیَ اللہُ عَنْهُ جي...!! پاڻ تلاوت به ڪندا هئا ۽ ڪهڙي شان سان قرآن پڙهندا هئا، هن طرح جو دل تي رقت طاري هوندي هئي، الله پاڪ جو خوف ۽ ان جي محبت دل تي ڇانيل هوندي هئي، زبان سان تلاوت جاري هوندي هئي ۽ اکين مان خوف ۽ محبت سبب ڳوڙها وهي رهيا هوندا هئا.

## تلاوت دوران روئڻ سعادت آهي

يقيناً قرآن شريف جي تلاوت ڪرڻ، قرآن شريف جي تلاوت ٻڌڻ عين سعادت بلڪ تمام گهڻي فضيلت واري نيڪي آهي. جيڪڏهن تلاوت ڪندي وقت، تلاوت ٻڌندي وقت سرور جي ڪيفيت طاري ٿئي، دل محبت الٰهي ۾ تڙپندي هجي، خوفِ خدا سان ڪپڪپي طاري ٿئي، اکين مان ڳوڙها جاري هجن، اهڙي تلاوت جي ته ماشاءالله! ڇا شان آهي. الله پاڪ پنهنجي نيڪ ٻانهن جا پاڪ اوصاف بيان ڪندي فرمائي ٿو.

| | |
|---|---|
| اَللّٰهُ نَزَّلَ اَحْسَنَ الْحَدِيْثِ كِتٰبًا مُّتَشَابِهًا مَّثَانِيَ ۖ تَقْشَعِرُّ مِنْهُ جُلُوْدُ الَّذِيْنَ يَخْشَوْنَ | ترجمو ڪنزُالعِرفان: الله سڀ کان سٺو ڪتاب لاٿو جيڪو سڄو هڪجهڙو آهي، بار بار پڙهيو ويندو |

[1] ... البدايہ و النهايہ، جز:8، جلد:4، صفحہ:565ـ

| | |
|---|---|
| رَبَّهُمْ ۚ ثُمَّ تَلِيْنُ جُلُوْدُهُمْ وَ قُلُوْبُهُمْ اِلٰى ذِكْرِ اللّٰهِ ؕ (پاره23،سورۃالزمر:23) | آهي. ان کان انهن ماڻهن جي بدن جا وار اُڀا ٿي ويندا آهن جيڪي پنهنجي رب کان ڊڄندا آهن، پوءِ انهن جون کلون ۽ دليون الله جي ياد جي طرف نرم ٿي ونديون آهن. |

روايت ۾ آهي: صحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم جي اها حالت هئي جو جڏهن انهن جي سامهون قرآن شريف جي تلاوت ڪئي ويندي هئي تہ انهن جي اکين مان ڳوڙها جاري ٿي ويندا هئا ۽ انهن جو جسم ڪاندارجي ويندو هو. [1]

تِلاوت کی توفیق دیدے اِلٰہی! | گُناہوں کی ہو دُور دِل سے سیاہی

پيارا اسلامي ڀائرو! بدقسمتي سان هاڻي مسلمانن جو قرآن شريف سان لڳاءُ گهٽجي رهيو آهي، پهريان تہ تلاوت ڪرڻ وارا ئي تمام گهٽ آهن، پوءِ جيڪي تلاوت قرآن جي سعادت حاصل ڪن ٿا، انهن ۾ بہ روئڻ وارن جي تعداد تہ بلڪل ئي گهٽ آهي. الله پاڪ اسان سيني کي تلاوت قرآن ڪرڻ ۽ قرآن شريف پڙهي يا ٻڌي ڪري روئڻ جي سعادت عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## قرآني آيت تي عمل جو نرالو انداز

پيارا اسلامي ڀائرو! امام عالي مقام امام حسين رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي سيرت جو هي بہ حسين پهلو آهي تہ پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ صرف تلاوت نہ ڪندا هئا بلڪ قرآن شريف تي تمام اعليٰ طريقي سان عمل بہ ڪندا هئا. ان جي فقط هڪ مثال ٻڌو! ڪتابن ۾ لکيل آهي: سندن هڪ ٻانهي هئي. (پهرين دور ۾ پئسن سان خريديل غلام

[1]...قرطبی، پاره:23، سورة الزمر، زيرِ آيت :23، جلد:8، صفحہ:156۔

۽ ٻانهيون هونديون هيون، هي رواج ڪڏهن شروع ٿيو ۽ اسلام ان سلسلي ۾ ڪهڙي تعليمات ڏني، غلامن کي آزاد ڪرڻ جا ڪهڙا فضائل بيان ٿيا، هي هڪ الڳ عنوان آهي)، خير! مان عرض ڪري رهيو هئس ته امام حسين رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي هڪ ٻانهي هئي، هڪ دفعي هيءَ ٻانهي سندن خدمت ۾ حاضر ٿي ته تمام سٺي طريقي سان سلام عرض ڪيو. امام عالي مقام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ سلام جو جواب ڏنو ۽ گڏ ئي فرمايو: اَنْتِ حُرَّةٌ لِوَجْهِ اللّٰهِ " وڃ! تون رب جي رضا جي لاءِ آزاد آهين."

ويجهوئي هڪ شخص وينو هو، ان کي حيراني ٿي، عرض ڪيائين: عالي جاه! ٻانهي آهي، توهان جي خدمت ۾ حاضر ٿي، ان فقط سلام ئي ڪيو آهي ۽ توهان ان کي آزاد ڪري ڇڏيو، ان ۾ ڪهڙي حڪمت آهي؟ هاڻي امام عالي مقام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جو جواب ٻڌو! فرمايائون: الله پاڪ جو ارشاد آهي.

| | |
|---|---|
| وَاِذَا حُيِّيْتُمْ بِتَحِيَّةٍ فَحَيُّوْا بِاَحْسَنَ مِنْهَاۤ اَوْ رُدُّوْهَا ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلٰى كُلِّ شَیْءٍ حَسِیْبًا ﴿۸۶﴾<br>(پاره:5،سورةِ النساء:86) | ترجمو ڪنزالعرفان: جڏهن توهان کي ڪنهن لفظ سان سلام ڪيو وڃي ته توهان ان کان بهتر لفظ سان جواب ڏيو يا اهي ئي لفظ چئي ڇڏيو. بيشڪ الله هر شيءِ تي حساب وٺڻ وارو آهي. |

هن آيت ۾ الله پاڪ حڪم ڏنو آهي ته سلام ڪرڻ وارو جنهن لفظن سان سلام ڪري، اوهان ان کان بهتر انداز ۾ جواب ڏيو! معاملو هي آهي ته هن ٻانهي جنهن خوبصورت طريقي سان سلام ڪيو آهي، مون تي حق هو ته ان کان بهتر جواب ڏيان ها، پر ان کان بهتر جواب لفظن ۾ ته ٿي نه پئي سگهيو، تنهنڪري مون ان کي آزاد ڪري ڇڏيو.(1)

---

[1]...ڪتاب الشُعَب، فصل رابع، سخاء الحسين و ڪرمه، صفحه :100۔

سُبۡحٰنَ الله! ڇا شان آهي امام حسين رضي الله عنه جو...!! قرآن شريف تي نظر ڏسو، ڪهڙي ڪمال جي آهي...!! هي بہ سندن علمي ڪمال آهي تہ پاڻ رضي الله عنه هر ڳالھ تي قرآني آيتون پڙهندا هئا، قرآني آيتن ذريعي نصيحتون ڪندا هئا. هاڻي اسان ٿورو غور ڪريون، اسان کي ڪيتريون آيتون ياد آهن؟ روزانو جي معاملن ۾ اسان کي ڪڏهن ڪڏهن ڪا آيت ياد اچي ويندي آهي؟ قرآن ڪريم ۾ 6 هزار کان وڌيڪ آيتون آهن، اسان سڀ غور ڪريون تہ انهن 6 هزار کان وڌيڪ آيتن مان منهنجو ڪيترين آيتن تي عمل آهي؟

مشڪل سوال آهي. جڏهن آيتون ياد ئي ناهن، انهن جو ترجمو ۽ تفسير ئي معلوم ناهي تہ عمل ڪيئن ڪنداسين؟ ڏسو! اسان الحمد لله! مسلمان آهيون. هڪ مسلمان لاءِ سڀ کان اهم ترين ڪتاب قرآن ئي آهي، ان کان سواءِ ڪا بہ ڳالھ تہ ٿي ئي نٿي سگهي پر ڪيتري افسوس جي ڳالھ آهي! اڄ اڪثر مسلمانن کي قرآن سمجهڻ تہ پري جي ڳالھ صحيح طور تي عربي لهجي ۾ پڙهڻ بہ نٿو اچي، هزارين نہ لکين اهڙا آهن جن ناظره پڙهيو تہ هوندو پر صحيح تجويد سان ناهن پڙهندا، صاد کي سين پڙهندا آهن، عين کي همزه پڙهندا آهن، حاء کي ها پڙهندا آهن، قاف کي ڪاف پڙهندا آهن ۽ ڪيتريون ئي اهڙيون غلطيون ڪري رهيا هوندا آهن جن سان معنيٰ بدلجي ويندي آهي، سورهءِ فاتحہ ۽ سورهءِ اخلاص بہ ڪيترن ئي کي صحيح پڙهڻ نٿي اچي، جڏهن غلط پڙهن ٿا، معنيٰ بدلجي وڃي ٿي تہ ائين پڙهڻ سان نماز بہ نٿي ٿئي!...

هاڻي ڇا ڪريون؟ الحمد لله! دعوت اسلامي آهي، الله پاڪ عاشقانِ رسول جي هن پياري تحريڪ کي آباد رکي، دعوت اسلامي وارا مدرسة المدينہ بالغان لڳائيندا آهن، ان ۾ شرڪت ڪريو! قرآن شريف صحيح پڙهڻ اچي ويندو.
۞ فجر کان بعد تفسير ٻڌڻ ٻڌائڻ جا حلقا لڳندا آهن، ان ۾ شرڪت ڪريو! تفسير صراط الجنان پڙهو! تفسير تعليم القرآن پڙهو! نور العرفان پڙهو! خزائن العرفان پڙهو! اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم! قرآن شريف جي ڪجھ نہ ڪجھ سمجھ

اچي ويندي ۞ مدني قافلن ۾ سفر ڪندا ڪريو! نيڪ اعمال تي عمل ڪريو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! قرآن شريف تي عمل ڪرڻ نصيب ٿي ويندو.

يہی ہے آرزو تعلیمِ قرآن عام ہو جائے | ہر اِک پرچم سے اُونچا پرچمِ اسلام ہو جائے

## (3) امام حُسين جي سُنّت سان محبت

پيارا اسلامي ڀائرو! امام عالي مقام، امام حسين رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي سيرتِ پاڪ جو هڪ نمايان پهلو اهو بہ آهي تہ پاڻ سُنّت سان تمام گهڻي محبت ڪندا هئا، پنهنجي ناني سائين جي پيروي ڪرڻ، سندن جي ادائن کي اپنائڻ ۾ جيترو تي سگهي پاڻ سڳورن صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مشابهت اختيار ڪرڻ کين تمام گهڻو پسند هو. حضرت سفيان رَحْمَةُ اللهِ عَلَیْه فرمائن ٿا: مون عبيدالله کان پڇيو: ڇا توهان امام حسين رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي زيارت ڪئي آهي؟ چيائين: هائو! مون زيارت ڪئي آهي، جڏهن مون زيارت جو شرف پاتو، ان وقت امام حسين رَضِیَ اللهُ عَنْهُ متي ۾ ڏاڙهي مبارڪ تي مهندي لڳائي هئي پر ڏاڙهي مبارڪ جي سامهون ڪجھ وار اڇا ئي ڇڏي ڏنا هئا، منهنجي خيال ۾ پاڻ اهي وار پياري آقا صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پيروي ۾ ڇڏيا هئا (ڇو تہ رسول الله صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڏاڙهي مبارڪ جي سامهون جا ڪجھ وار بہ اڇا هئا).[1]

سُبْحٰنَ الله! ڪهڙي شان آهي...!! امام عالي مقام امام حسين رَضِیَ اللهُ عَنْهُ رسولِ ڪائنات، فخر موجودات صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا شهزادا آهن، سندن ظاهري صورت ائين ئي پياري آقا صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ملندي هئي، ان سان گڏوگڏ پاڻ هي اهتمام ڪندا هئا تہ ادائون بہ محبوب ذيشان صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جهڙيون ئي رهن.

## لباس مبارڪ ۾ سنتن جو لحاظ

امام عالي مقام امام حسين رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو درزي جنهن سان پاڻ ڪپڙا سبرايا، اهو چوي ٿو: مون امام عالي مقام رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي عرض ڪيو: لباس جي ڊگهائي

[1]... البدايہ و النهايہ، جز:8، جلد:4، صفحہ:546۔

پيرن تائين رکان؟ فرمايائون: نہ. مون عرض ڪيو: پيڏين کان هيٺ تائين رکان؟ فرمايائون: مَا اَسۡفَلَ مِنَ الۡكَعۡبَيۡنِ فِي النَّارِ يعني جيڪو ڪپڙو پيڏين کان هيٺ لٽڪندو آهي، اهو باهہ ۾ آهي.(1)

پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو امام عالي مقام رضي الله عنه سنتن جو لحاظ رکندا هئا، لباس ۾ سنت هي آهي تہ گوڏ (يا شلوار وغيره) پيڏين کان مٿي رهي. امام عالي مقام رضي الله عنه ان جو لحاظ فرمايو. هاڻي امام حسين جي محبت جي دعويٰ ڪرڻ وارا ٿورو پنهنجي لباس تي غور ڪن، اسان لباس ۾ سنتن جو لحاظ رکون ٿا يا جديد فيشن تي هلون ٿا؟ اسان جي مٿي تي سنت جي مطابق عمامو شريف سجايل آهي يا نہ؟ اسان جي شلوار، پاجامو يا پينٽ وغيره پيڏين کان مٿي هوندي آهي يا جديد فيشن جي بي جا محبت جي سبب پيڏين کان هيٺ لٽڪي رهي هوندي آهي؟ افسوس! اڄڪلهہ فيشن پرستي جو دور هلي رهيو آهي، هلڻ، ڦرڻ، اٿڻ ويهڻ، کائڻ پيئڻ، پهرڻ وغيره ۾ سنتن جو لحاظ رکڻ تہ پري جي ڳالهہ ڪيترن ماڻهن کي انهن سنتن جو علم تائين ناهي هوندو. ڪاش! امام عالي مقام رضي الله عنه جي صدقي اسان کي سنتن جي محبت نصيب ٿي وڃي. حديث پاڪ ۾ آهي: مَنۡ اَحَبَّ سُنَّتِي فَقَدۡ اَحَبَّنِيۡ وَ مَنۡ اَحَبَّنِيۡ كَانَ مَعِيَ فِي الۡجَنَّةِ جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي، ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو مون سان گڏ جنت ۾ هوندو.(2)

سینہ تری سُنّت کا مدینہ بنے آقا | جنّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

[1] ... معجم كبير، جلد:2، صفحہ:227، حديث:2726۔

[2] ...تاريخ مدينہ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔

## (4) امام حُسَين جي علم سان محبت

پيارا اسلامي ڀائرو! بعض دفعا ماڻهو سوال پڇندا آهن: امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو ننڍپڻ بيان ڪيو ويندو آهي، پوءِ ان کان بعد ڪربلا جو واقعو اچي ويندو آهي، ان جي وچ ۾ جيڪا سندن زندگي مبارڪ گذري، ان ۾ پاڻ ڇا ڪندا هئا؟ اها مبارڪ زندگي ڪهڙي هئي؟ اچو! مان عرض ڪريان، ان دوران پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْه ڇا ڪندا هئا؟ امام عالي مقام جي جواني مبارڪ ۽ تقريباً 46 سالن جي جيڪا زندگي مبارڪ آهي، ان دوران سندن علم دين سکيو ۽ مسجد ۾ رهي ڪري علمِ دين سيکاريندا رهيا. جي بلڪل! مسجد نبوي شريف ۾ پاڻ درس ڏيندا هئا، باقاعده حلقو لڳندو هو، امام عالي مقام رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جا شاگرد اتي حاضر ٿيندا هئا ۽ شهزادهءِ مصطفیٰ کان علمِ دين سکندا هئا. هڪ دفعي حضرت امير معاويہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان ڪنهن پڇيو: امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي زيارت ڪٿي ٿي سگهي ٿي؟

هاڻي امير معاويہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي محبت، سندن ادب ۽ امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ بابت سندن جذبات ڏسو! فرمايائون: مسجد نبوي شريف ۾ وڃو! اتي توهان کي هڪ حلقو نظر ايندو، ماڻهو اهڙي اطمينان سان ويٺل هوندا جو ڄڻ انهن جي مٿي تي پکي ويٺا آهن، اهو حلقو امام عالي مقام امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو آهي.(1)

سُبْحٰنَ الله! هي آهن امام عالي مقام رَضِيَ اللهُ عَنْهُ...!! سندن مسجد ۾ علم دين جو درس ڏيندا هئا...!! اي عاشقان امام حسين! توهان بہ همت ڪريو! علم دين سکڻ وارا بڻجي وڃو! سيکارڻ وارا بڻجي وڃو! الحمدلله! دعوت اسلامي وارا عاشقانِ امام حسين مسجد درس ڏيندا بہ آهن ۽ ٻڌندا بہ آهن. توهان بہ مسجد درس ۾ شرڪت ڪريو! جيڪڏهن درس ڏئي سگهو ٿا تہ ڏيڻ وارا بڻجي وڃو، نہ تہ ٻڌڻ وارا بڻجي وڃو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ! ۞ علم دين سکڻ جو

---

[1]...تاريخ مدينه دمشق، جلد:14، صفحہ:179۔

موقعو ملندو ۞ ايتري دير مسجد ۾ ويھڻ جو ثواب ملندو ۞ نيڪ صحبت ۾ ويھڻ نصيب ٿيندو ۞ گھر کان ئي درس ۾ شرڪت جي نيت ڪري هلندا تہ راهِ علمِ دين ۾ هلڻ جو ثواب ملندو ۞ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! مخلوقات ايستائين جو درياء جون مڇيون بہ دعا ڪنديون.

| | |
|---|---|
| میں مبلغ بنوں سنتوں کا | خوب چرچا کروں سنتوں کا |
| یاخدا درس دوں سنتوں کا | ہو کرم! بہرِ خاکِ مدینہ |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## (5) امام حسين جون عبادتون

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جا آقا، سلطانِ ڪربلا امام عالي مقام، امام حسين رضی اللہ عنہ تمام گھڻا عبادت گذار، متقي ۽ پرهيزگار هئا. علامہ ابنِ اثير جزري رحمۃ اللہ علیہ لکن ٿا: ۞ امام حسين رضی اللہ عنہ ڪثرت سان نمازون پڙهندا، روزا رکندا، حج ڪندا، صدقا ۽ خيرات ڪندا ۽ هر ڀلائي جو ڪم بجا آڻيندا هئا. (1)

۞ شهزادهءِ امام عالي مقام حضرت امام زين العابدين رضی اللہ عنہ فرمائن ٿا: منهنجا والد صاحب امام حسين رضی اللہ عنہ ڏينهن رات ۾ هڪ هزار نفل ادا ڪندا هئا. (2)

۞ امام حسين رضی اللہ عنہ بابت اهو بہ منقول آهي تہ پاڻ 25 حج پيادل ادا ڪيا. (3)

## امام حسين جون 4 پسنديده عبادتون

عاشوراء جي رات جڏهن امام عالي مقام رضی اللہ عنہ ميدانِ ڪربلا ۾ هئا، پاڻ پنهنجي ڀاءُ حضرت عباس علمبردار رضی اللہ عنہ کي فرمايو: ڪنهن طرح جنگ کي سڀاڻي تائين ملتوي ڪرايو تہ جيئن اڄ رات اسين الله پاڪ جي عبادت ڪري

---

[1]...أُسد الغابہ، رقم:1173، جلد:2، صفحہ:27۔

[2]...عقد الفريد، باب من كلام الزهاد و اخبار العباد، جلد3، صفحہ:115۔

[3]...أُسد الغابہ، رقم:1173، جلد:2، صفحہ:27۔

سگهون. الله پاڪ خوب ڄاڻي ٿو ته مون کي (1) نماز پڙهڻ، (2) قرآن شريف جي تلاوت ڪرڻ، (3) ڪثرت سان دعائون گهرڻ ۽ (4) گهڻو استغفار ڪرڻ تمام گهڻو پسند آهي (1)

پيارا اسلامي ڀائرو! محبت اطاعت ڪرائيندي آهي. امام عالي مقام امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ سان اسان جي محبت ڪهڙي آهي؟ ٿورو اسين غور ڪريون.؟ 10 محرم شريف جي رات امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي ظاهري زندگي مبارڪ جي آخري رات هئي پر الله پاڪ جي عبادت جو شوق ۽ ذوق ڏسو! ۽ عين شهادت جي وقت به پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ بارگاهِ الٰهي ۾ سجدي جي حالت ۾ هئا.

ڪاش! اسان غلامانِ امام حسين به پنهنجي محبوب جي نقشِ قدم تي هلندي عبادتون ۽ رياضتون ڪندي پنهنجي زندگي جا ڏينهن ۽ راتيون گذاريون. ياد رکو! **حديث شريف ۾ آهي:** ماڻهو اُنهيءَ سان گڏ هوندو جنهن سان هو محبت ڪندو هوندو. (2) جيڪڏهن اسان زبان سان امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ سان محبت جي دعويٰ ڪندا رهون پر امام عالي مقام امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي مبارڪ سيرت کي نه اپنايون ته اسان جي محبت ناقص آهي ڇاڪاڻ ته عاشق پنهنجي محبوب جي پويان پويان هلندو آهي. حضرت امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ پنهنجي مبارڪ چهري تي پنهنجي نانا جان رحمتِ عالميان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري پياري سنت ڏاڙهي شريف سجائي رکي هئي، سندن والدِ گرامي مولا مشڪل ڪشا رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي به گهاٽي ڏاڙهي شريف هئي. اسان غور ڪريون ته اسان جي چهري تي اها سنتِ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي؟ امام عالي مقام حضرت امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ پنهنجي مبارڪ زندگي جي آخري نمازِ فجر پنهنجي خيمي ۾ باجماعت ادا ڪئي جڏهن

---

[1]...البدايه و النهايه، جز:8، جلد:4، صفحه:573-

[2]... ترمذی، كتاب الزہد، باب ماجاء ان المرء مع من احب، صفحه:568، حديث:2387-

دشمن چارئي طرف تلوارون چمڪائي رهيا هئا؟ اهلِ بيتِ اطهار رضي الله عنهم جي اصل محبت انهن جي پيروي ڪرڻ ۾ آهي. امام عالي مقام امام حسين رضي الله عنه جي مبارڪ زندگي مان اسان کي اهو درس ملي ٿو تہ اسان کي پنج ئي نمازون باجماعت ادا ڪرڻ گهرجن ۽ وقت اچڻ تي دين جي خاطر هر طرح جي قرباني پيش ڪرڻ لاءِ تيار رهڻ گهرجي. الله ڪريم اسان کي صحابہ ۽ اهلِ بيت رضي الله عنهم جي حقيقي محبت نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیِّن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم

## امام عالي مقام جو هڪ خطبو

آخر ۾ اچو! امام عالي مقام، امام حسين رضي الله عنه جو هڪ سبق آموز خطبو ٻڌون ٿا: تاريخ مدينہ دمشق ۾ آهي، ڪربلا جي ڏينهن 10 محرم الحرام تي صبح جو امام عالي مقام، امام حسين رضي الله عنه خطبو ارشاد فرمايو: الله پاڪ جا ٻانهؤ! الله پاڪ کان ڊڄو! ۽ دنيا کان بچندا رهو! بيشڪ هن دنيا ۾ جيڪڏهن ڪنهن کي هميشہ رهڻو هجي ها تہ ضرور انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام هميشہ رهن ها پر الله پاڪ هن دنيا کي آزمائش جي لاءِ پيدا فرمايو آهي، هتان جا رهڻ وارا سيئي فنا ٿيڻ جي لاءِ ئي بڻايا ويا آهن، دنيا جون نيون شيون پراڻيون ٿيڻ واريون آهن، هتان جون نعمتون ختم ٿيڻ واريون آهن، هتان جون خوشيون ختم ٿيڻ واريون آهن، بس! سامانِ سفر تيار ڪيو! بيشڪ بهترين سامانِ سفر تقويٰ ئي آهي، الله پاڪ کان ڊڄو! تہ جيئن توهان ڪامياب (*Successful*) ٿي وڃو..!! (1)

پيارا اسلامي ڀائرو! هي امامِ عالي مقام، امام حُسين رضي الله عنه جي پاڪيزه

---

[1]... تاريخ مدينہ دمشق،جلد:14، صفحہ:218۔

سيرت جا ڪجھ پهلو، سندن چند ادائون اسان ٻڌيون، الحمد لله! اسان عاشقانِ امام حُسين آهيون، الله پاڪ محبتِ صحابہ و اهلِ بيت تي اسان کي استقامت نصيب فرمائي، ڪاش! زباني محبت سان گڏوگڏ عملي محبت بہ نصيب ٿي وڃي، ڪاش! امامِ عالي مقام، امام حُسين رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي پاڪيزه ڪردار جو فيضان اسان کي نصيب ٿي وڃي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هفتيوار اجتماع

پيارا اسلامي ڀائرو! سنتن جو پابند بڻجڻ، صحابہ ۽ اهل بيت جي محبت سان دل کي ڀرڻ، بااَدب ۽ باوفا بڻجڻ ۽ نيڪين واري زندگي گذارڻ لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ 12 ديني ڪمن ۾ ڀرپور حصو وٺو، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دنيا ۽ آخرت ۾ ان جون بيشمار برڪتون نصيب ٿينديون. دعوتِ اسلامي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ڪم آهي: هفتيوار اجتماع. هر خميس تي دعوتِ اسلامي جو هفتيوار اجتماع ٿيندو آهي، جنهن ۾ تلاوت، نعت، سنتن ڀريو بيان، ذڪر ۽ رقّت انگيز دعا ڪرائي ويندي آهي.

اوهان ڪان التجا آهي تہ ❁ اوهان بہ هفتيوار اجتماع ۾ پابندي سان شرڪت ڪندا ڪريو! ❁ ديني اجتماع ۾ ويهڻ ۽ ذڪر ڪرڻ وارن جي پنهنجي تہ ڇا شان هوندي! حديث پاڪ مطابق جيڪو انهن جي ويجهو ويهي، اهو بہ بدبخت نہ رهندو.[1] اَلْحَمْدُلِله! هفتيوار اجتماع ۾ ذڪر ٿيندو آهي، ❁ علمِ دين سکڻ لاءِ ملندو آهي، ❁ نيڪ صحبت ۾ ويهڻ ۽ مسجد ۾ وقت گذارڻ نصيب ٿيندو

[1] مسلم، كتاب الذكر و الدّعا...الخ، باب فضل مجالس الذكر، صفحہ:1037، حديث:2689۔

آهي. ❁ هڪ اهم برڪت اها آهي تہ ديني اجتماع لاءِ وڃڻ بہ راهِ خدا ۾ نڪرڻ آهي، هفتيوار اجتماع ۾ شريڪ ٿيندا تہ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! گهر کان نڪرڻ کان وٺي واپس اچڻ تائين سڄو وقت راهِ خدا ۾ شمار ٿيندو. هر خميس تي پابندي سان هفتيوار اجتماع ۾ اوّل کان آخر شرڪت ڪرڻ جي پڪي نيت ڪريو تہ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! هر خميس تي پابندي سان پاڻ بہ هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت ڪندس ۽ نيڪي جي دعوت ڏئي ٻين کي بہ ساڻ وٺي ايندس.

## ٽيبل ٽينس جو شوقين ڪيئن سُڌري ويو...؟

ڪراچي جي رهڻ واري هڪ اسلامي ڀاءُ جي باري ۾ بيان ڪيو ويو آهي تہ هو مذهبي ذِهن نہ هئڻ سبب فضول ڪمن ۾ پنهنجا ڏينهن رات گذاري رهيو هو، گُنَاهن جو بہ سلسلو جاري هو، ۽ ان کي ٽيبل ٽينس جو بيحد شوق هو، شام ٿيندي ئي ٽيبل ٽينس کيڏڻ ۾ مَصرُوف ٿي ويندو هو ۽ بعض اَوقات اهو سلسلو رات دير تائين جارِي رهندو هو، هڪ ڀيري دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ هڪ اسلامي ڀاءُ ان کي ۽ ساٿس گڏ کيڏڻ وارن کي نماز پڙهڻ ۽ هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ جي دعوت پيش ڪئي، اسلامي ڀاءُ انهن کي مسلسل نيڪي جي دعوت پيش ڪندو رهيو، نيٺ اهي ٽيبل ٽينس جا شوقين هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ لڳا، الحمدلله! هفتيوار اجتماع جي برڪت سان آهستہ آهستہ ان جي دِل نرم ٿي وئي، ان جي دِل جي ڪاراڻ ختم ٿيڻ لڳي، ان پنهنجي تمام گُنَاهن کان توبہ ڪئي ۽ فضوليات کي ڇڏي دعوتِ اسلامي جي پاڪيزه ديني ماحول سان وابستہ ٿي ويو.

| | |
|---|---|
| یہاں سنّتیں سیکھنے کو ملیں گی | دِلائے گا خوفِ خُدا مدنی ماحول |
| تُو آ بے نمازی، ہے دیتا نمازی | خُدا کے کرم سے بَنا مدنی ماحول |

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## فيضانِ حديث موبائل ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلحَمْدُلله! دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊپارٽمينٽ طرفان تمام فائديمند موبائل ايپليڪيشن بنام ”فيضانِ حديث Play Store “ ۽ App Store تي پيش ڪئي وئي آهي. هن ايپلي ڪيشن ۾ توهان کي حديث پاڪ جا مشهور ڪتاب جيئن: ❁ مِشْكٰوةُ الْمَصَابِيْح ۽ ان جي اردو شرح مِرْاٰةُ الْمَنَاجِيْح ❁ الأربَعِيْنِ النّوويَّة اردو ترجمو ۽ شرح سان گڏ ❁ رِيَاضُ الصَّالِحِين اردو ترجمو ۽ شرح سان گڏ ❁ أَربَعِيْنِ حَنَفِيَّه (اردو) ❁ ۽ مُنْتَخَب اَحَادِيث (اردو) شامل ڪيا ويا آهن ❁ هن ايپلي ڪيشن جي مدد سان توهان حديثِ ڪريمہ کي ڪتابي صورت ۾ (يعني جلدن جي اعتبار سان) بہ پڙهي سگهو ٿا ۽ مختلف موضوعات جي اعتبار سان پنهنجي مطلوبہ موضوع جو مطالعو بہ ڪري سگهو ٿا. ❁ سرچ آپشن جي مدد سان حديثِ مبارڪ سرچ بہ ڪري سگهو ٿا. ❁ حديثِ پاڪ جو عربي متن اعراب سان ۽ اعراب جي بغير بنهي طرح ڏسڻ جي سهولت رکي وئي آهي. ❁ مطالعي جا نوٽس محفوظ ڪرڻ لاءِ پسنديده احاديث کي Favorite ڪرڻ جو آپشن بہ ڏنو ويو آهي. ❁ مختلف فونٽس ۽ احاديث شيئرنگ جي سهولت بہ ڏني وئي آهي. اڄ ئي پنهنجي موبائل ۾ هي ايپلي ڪيشن ڊائون لوڊ ڪريو! خود بہ حديثِ پاڪ جو فيضان ونو! ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو!

## چند ضروري اعلانات

❁ هر هفتي اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ مدني چينل تي لائيو هفتيوار مدني مذاڪرو ڪندا آهن، ايندڙ هفتي بہ رات عشاء جي نماز کان پوءِ مدني چينل تي اِنْ شَآءَالله الْكَرِيْم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو، جنهن ۾ شيخ طريقت، اميرِ اهلِ سنت مولانا الياس عطّار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ سوالن جا جواب بہ عطا

فرمائيندا. تمام ذمّه داران ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ به شرڪت ڪن ۽ ٻين ڪي به ان جي دعوت ڏين.

۞ شيخِ طريقت، امير اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب ڏيندا آهن، ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالو ”پياري نبي جي پياري آل(بيانات جو تحريري گلدستو)“ جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ به پڙهو! ٻين کي به ترغيب ڏيو ۽ سوشل ميڊيا جهڙوڪ واٽس ايپ وغيره تي رضاءِ الٰهي ۽ ثواب جي نيت سان ٻين سان به شيئر ڪريو!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت، ڪجهه سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِ رسالت، شَهنشاهِ نُبُوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي:

مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی كَانَ مَعِی فِی الْجَنَّة

يعني جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سينه تيری سُنّت کا مدينه بنے آقا! | جنت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## عمامي شريف جون سنتون ۽ آداب

2 فرامين مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملاحظ فرمايو: (1): عمامي سان نماز پڙهڻ 70 هزار نيڪين جي برابر آهي[2] (2): عمامو ٻڌو توهان جي

---

[1] ... مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،الفصل الثانی،۱/۵۵،حديث:۱۷۵

[2] ...مسندالفردوس، جلد:2، صفحه:406، حديث:3805۔

برداشت ڪرڻ جي قوت وڌندي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! عمامو ويهي ڪري ٻڌو ۽ پاجامو ويهي پايو❁جنهن ان جو اُلٽ ڪيو (يعني عمامو ويهي ٻڌو ۽ پاجامو بيهي پاتو) اهو اهڙي مرض ۾ مبتلا ٿيندو جنهن جي ڪا دوا ناهي (يعني طبيبن ڪي دوا جو علم ناهي) ❁عمامو شريف ٻڌڻ ڪان پهريان چڱيون چڱيون نيتون ڪري وٺندا هڪ به چڱي نيت نه هوندي ته ثواب نه ملندو❁مناسب هي آهي ته عمامي جو پهريون وَرُ مٿي جي ساڄي پاسي وڃي❁الله پاڪ جي آخري رسول صَلَّی اللہ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ عمامي جو شملو عام طور تي پُٺيءَ جي پويان هوندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ساڄي پاسي، ڪڏهن ٻنهي ڪلهن جي وچ ۾ 2 شملا هوندا هئا❁کابي پاسي شملو لڙڪائڻ سنت جي خلاف آهي❁عمامي جي شملي جي مقدار گهٽ ۾ گهٽ 4 چار انچ ۽ وڌ ۾ وڌ (اڌ پُٺيءَ تائين يعني تقريباً) هڪ هٿ (وچين آڱر ڪان وٺي نونٺ تائين جي ماپ هڪ هٿ چورائيندو آهي) ❁عمامو قبلي ڏانهن منهن ڪري بيٺي بيٺي ٻڌو❁مرآت شريف ۾ آهي: عمامو بيهي ڪري ٻڌڻ سنت آهي مسجد ۾ ٻڌو يا ڪنهن ٻي جاءِ تي❁عمامي ۾ سنت هي آهي ته ادائي گزن ڪان گهٽ نه هجي، نه 6 گزن ڪان وڌيڪ ۽ ان جو ٻڌڻ گنبذ وانگر هجي.[2]

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مکتبةُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة جو 91 صفحن جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنّتن سکڻ جو هڪ بهترين

[1] ...مستدرک، کتاب اللباس، جلد:5، صفحہ:272، حدیث:7488۔

[2] ...550سنتیں اور آداب، صفحہ:54-56ملتقطاً۔

ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سَفر بہ آهي.

| | |
|---|---|
| الفتِ مصطفٰے اور خوفِ خدا | چاہئے گر تمہیں قافلے میں چلو |
| گر مدینے کا غم چاہئے چشمِ نَم | لینے یہ نعمتیں قافلے میں چلو |

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

### ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

### ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

---

[1] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ڪِن بُزرگن ڪان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنۡهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[4]

---

[1]... القول البديع، الباب الثانی، ص277

[2]... افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3]... القول البديع، الباب الاول، ص3125

[4]... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ عَنۡهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

[2]... ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455